ڊاڪٽر الهوسايو سومرو

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حوصلي، همٿ ۽ محنت جو ذڪر


***Abstract:***

**Mention of Courage, Encourage and Hard Working
In the Poetry of Shah Abdul Latif.**

*Hazrat Shah Abdul Latif Bhitai is a well-known and famous classical Poet of Sindhi language. His poetry has become very popular due to his attractive melody and outstanding thoughts, philosophy and teachings of humanity. His work has been translated into many languages of the world. Every verse of his poetry reflects his love towards mankind and teaches the lesson of being good, to do good and sincerity towards God.*

*He has expressed his directives through romantic tales. He advises people to work hard in order to achieve success. He conveys the message that one must be sincere to their duty and perform it with full honesty. He emphasizes on the importance of courage and states that one must continue to work hard irrespective of sunny or rainy days. The said underlying message can be found in various of his chapters.*


**حضرت** شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سنڌ جو ناليوارو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ’شاهه جو رسالو‘ روحاني رمزن، پاڻ سڃاڻڻ، غرور ۽ تڪبر ڪي ختم ڪرڻ، محبت ۽ ايڪي سان گذارڻ، پنهنجي اندر ۾ رب کي ڳولهڻ ۽ ٻين انيڪ اعليٰ انساني گُڻن سان مالامال آهي. سندس هر بيت ۽ وائيءَ ۾ انسانذات لاءِ رهنمائيءَ جا سبق سمايل آهن، جنهن تي عمل ڪري، انسان ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو. سندس ڪلام، انساني زندگيءَ جو هڪ تفسير آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جا مڙيئي مسئلا ۽ انهن جا حل ٻڌايل آهن. سندس ڪلام، زندگيءَ جي هر احساس ۽ جذبن جو ترجمان آهي. جتي هو محبت جا سبق سيکاري ٿو، ٻڌيءَ سان رهڻ سيکاري ٿو، نماز روزي يا عبادت بابت ٿو ٻڌائي، سُور سختيون صبُر سان برداشت ڪرڻ سيکاري ٿو. اُتي انسان کي جفاڪش، محنتي، با همت ۽ با حوصلہ ڏسڻ ٿو چاهي. سندس ڪلام اندر، ’تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه‘ يا ’پئي پراڻو نہ ٿيي‘ جهڙا پُرمغز بيت وڏي تعداد ۾ ملن ٿا. هو همت ۽





محنت سان رب جي رضا جو ڳولائو نظر ٿو اچي. هو ٻين آڏو هَٿ ڪو نہ ٿو ڦهلائي ۽ نہ ئي ڦهلائڻ جو چوي ٿو، پر پنهنجيءَ محنت سان ڪمائڻ جو ڏس ڏئي ٿو. دنيا ۾اها ئي قوم، ترقي ۽ خوشحاليءَ جي منزل ماڻيندي آهي، جيڪا باهمت ۽ محنتي آهي. روحانيت جي وڏي مرتبي تي پهچڻ لاءِ بہ شاهه صاحب، محنت ۽ همت کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏني آهي.

محنت ۽ همت جي باري ۾ اسلامي تعليم بہ رهنمائي ڪري ٿي. دنيا جي هر مذهب ۾ محنت ڪرڻ واري کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويو آهي ۽ اهي ئي فرد يا قومون پنهنجي ملڪ ۽ مِلت جو فخر، ترقي ۽ خوشحاليءَ جو ڪارڻ آهن جن ڏينهن رات هڪ ڪري محنت ڪئي آهي.

جيڪڏهن ڏسجي تہ دين اسلام ۾ همت، حوصلي ۽ محنت سان ڪم ڪرڻ جا ڪيترائي عمدا مثال موجود آهن. قرآن مجيد ۾ بہ ساڳئي مضمون جي باري ۾ هن طرح الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي، جنهن جو مفهوم هن طرح آهي تہ انسان جيتري ڪوشش ڪري ٿو تہ، الله تعاليٰ اُن کي اوترو ئي عطا ڪري ٿو، انبياء ڪرام، صحابہ ڪرام، تابعي و تبع تابعين، اولياء الله ۽ صوفياءِ ڪرام، مطلب تہ الله پاڪ جا مقرب، سڀني وٽ محنت جا گهڻائي اسباق مطالعي ۾ ملندا. پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ پنهنجي مبارڪ هٿن سان محنت ڪئي هئي، ڪاٺيون ڪيائون، پنهنجن ڪپڙن کي پاڻ چَتيون لڳايائون. سندن سيرت طيبہ، ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ بي مثال نمونو آهي.

محنت سان ڪمائي ڪائڻ کي عبادت سڏيو ويو آهي، ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ کي اهو شخص پسند آهي، جيڪو همت ۽ محنت سان زندگيءَ ۾ پنهنجا ڪم پاڻ اُڪلائي ٿو. حديث قُدسي ۾ آهي تہ :

’اَلۡكاسِــبُ حَــبِيّبُ الله.‘

ترجمو: پورهيت الله جو دوست آهي.

مطلب تہ پورهيت کي الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي گهڻو ويجهو رکي ٿو، ۽ مٿس پنهنجون عطائون ۽ رحمتون بخشيندو رهي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ بہ پنهنجي ڪلام ۾ انسانيت جي ڀلائيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ تمام سهڻا نادر نمونا ڇڏيا آهن.

”شاهه جي شعر جي ادبي ۽ علمي فضيلت ۽ صوفياڻي اڏام بيان کان مٿي آهي ۽ ان جي فني پختگي، خصوصيت ۽ سٺاءُ، پنهنجو مثال پاڻ آهي، پر سڀ کان وڌيڪ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اهو هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جي ذهني، نظرياتي، قومي، انقلابي، تاريخي، مذهبي، ثقافتي ۽ اخلاقي قوت جو هڪ سرچشمو آهي.“[1]

شاهه صاحب جا سمورا ڪردار، همت، محنت، حوصلي ۽ محبت جا نادر نمونا آهن. هر سُر ۾ هو پنهنجن ڪردارن کي پيش ڪندي، عام آڏو پنهنجو پيغام پيش ڪري ٿو. اهو پيغام جنهن جو هن کي حق آهي. همت سان مصيبتن ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جو، محنت سان ڏونگر ڏورڻ جو، تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ جو، غفلت ۽ سستيءَ کي ڇڏي سُجاڳ ٿيڻ جو، نفرت کي ڇڏي محبت ۽ ايڪي سان رهڻ جو، تڪبر ۽ غرور کي دل مان تڙي ڪڍي، نيازمندي ۽ عاجزيءَ سان گذارڻ جو، رب جي رضا ڳولهڻ لاءِ پنهنجي من جي مستيءَ کي مارڻ جو، پنهنجي مقصد مٿان ٻين کي ترجيح ڏيڻ جو. مطلب ته اهڙا ڪيترائي اعليٰ پيغام سندس ڪلام ۾ ملن ٿا.

پورهيت ۽ سندس پورهئي جي قُل جي باري ۾ سليم پٺو لطيفي لکي ٿو ته:
”هارين زمين مان سونا سنگ اُپايا آهن.......... هر طرف پورهئي جو آواز، جنڊ، چرخا، آڏاڻا، مترڪا، ڏنوڻين جي ڏون ڏون جا آواز پورهئي، سان پريت رکندڙ پورهيت جي پت جي پڪ پيغمبر هن طرح ڏني آهي: پورهيت الله جو دوست آهي.“[2]

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، رح پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي سُرن ۾ همت ۽ محنت جي موضوع تي بيت چيا آهن. هتي ڪجھ سُرن کي مطالعي هيٺ آڻجي ٿو.

## سُر سريراڳ :

هن سُر ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته، هيءُ جهان سمنڊ آهي، جنهن ۾ انساني زندگي، ٻيڙيءَ وانگر آهي، جيڪا سمنڊ جي مٿاڇري تي تري ٿي. انسان کي ان اونهي سمنڊ، يعني هن جهان مان صدق ايمان ۽ ڪوشش سان ڪناري تي، صحيح سلامت پهچڻو آهي. ”انسان هن جهان ۾ وکر وهائيندڙ آهي، يعني عمل ڪندڙ ۽ بالآخر عمل جو نتيجو لوڙيندو آهي. انهيءَ ڪري، اي وڻجارا ! وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي. هن زندگيءَ ۾ چڱي عمل وارو وکر ۽ واپار هڪ سڦرو سعيو ۽ ڪوشش آهي.“[3]

انسان کي روحانيت جي اعليٰ درجي تي پهچڻ کان اڳ، ڪيس رياضت ۽ عبادت ۾ بنان ڪنهن وقفي جي محنت ڪرڻي آهي. ائين ڪرڻ سان هو زندگيءَ ۾ به ۽ هن جهان مان لڏي وڃڻ بعد به وڏي مرتبي تي فائز سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي سلامي پوري دنيا ڀريندي آهي.





سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جَنِ يادِ ڪِيو،
اُنِ جِي، عبداللطيفُ چِي، مِٽِيءَ لَڌو مانُ،
ڪوڙِيين ڪَنِ سَلامُ، آڳُهِ اَچِيو اُن جي.
(سُر سريراڳ، داستان ٢، بيت ٢، ص:١٥٩)

شاهه صاحب نه رڳو راهِ سلوڪ جي پانڌيئڙن جي رهنمائي ٿو ڪري، پر عام انسان کي به اهڙي ته مياني رويءَ واري رَوِش اختيار ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي، جنهن جي هر هنڌ قدر و قيمت هجي ٿي. اها ئي انسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئِي پُراڻُو نه ٿِيي،
وِيچِيندي وِلاتَ ۾، ذَرو ٿِيي نه ضاءِ،
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳُهِ جنهن جي اُبهَين.
(سُر سريراڳ، داستان ٠٣، بيت ٠٢، ص:١٦٦)

مطلب ته هن سُر ۾ انسان کي همت ۽ حوصلي سان، سعيي ۽ ڪوشش کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏني وئي آهي ته جيئن هو هن سمنڊ، يعني هن جهان مان پنهنجي همت ۽ حوصلي واريءَ ٻيڙي ذريعي، پنهنجي منزلِ مقصود تي پهچي سگهي.

## سُر سامونڊي :

هن سُر ۾ سمنڊ ذريعي، سنڌ جي واپارين، وڻجارن ۽ ناکئن جي سمنڊ جي سفر جي ڄاڻ پوي ٿي. جڏهن اهي سامونڊي، سفر ڪن ٿا ته سندن پنيان سندن وَنيون، وِچوڙي جا آلاپ ڪن ٿيون، ۽ سندن اوسيئڙي ۾ عجيب ڪيفيتن جو اظهار، هن سُر جو حصو آهي.

اهي وڻجارا، سدائين سفر جي سعيي ۾ هوندا آهن. کين پڪ آهي ته نيٺ سفر ختم ٿيڻو آهي ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي منزل تي پهچڻو آهي. تنهن ڪري اُهي پنهنجي سفر کي جلد پورو ڪرڻ لاءِ اٺئي پهر همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي، اڳتي وڌندا رهن ٿا. شاهه صاحب فرمايو آهي ته :

اَڄُ پُڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃَڻَ جُون،
اَٺَئِي پَهَرَ اَٽَنِ، سَعيو ڪنهن سَفَرَ جو.
(سُر سامونڊي، داستان ٠٢، بيت ٠١، ص:١٩٨)

”وڻجارن جي رواني ٿيڻ وقت، سندن وَنين جي اُلڪي ۽ اُڻ تُڻ وارو سمان سٽيل آهي... ڏکويلن جي دانهن باوجود هو راتو رات هليا ويندا... سندن آهون ۽ دانهون ته پاند ڳچيءَ ۾ پائي، زاري ڪيم ته به وڻجارو وڇوڙو ڏيئي ويو.“[4]

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اَڄُ پُڻ وايُون ڪَنِ، وَڻِجارا وَڃَڻَ جُون،
هَلَڻَ هارا سُپِرِين، رُئان تان نَہ رَهَنِ،
آئون جَهلِيندِي ڪيتَرو، آيَلِ! سامُوندِيَنِ،
پَڳَهَ چوڙِي جَنِ، وِڏا ٻيڙا ٻارِ ۾.
(سُر سامونڊي، داستان ٠٢، بيت ٠٣، ص:١٩٨)

اهي وڻجارا، سمنڊ جا اڙانگا سفر طئہ ڪن ٿا. طوفانن جي خطرن جو مقابلو ڪن ٿا. پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي بہ پنهنجي همت ۽ حوصلي سان پنهنجي منزل ڏانهن وڌندا رهن ٿا. مُلڪن جا ملڪ لتاڙيندي، اڳتي وڌندا رهن ٿا. سامونڊي جانورن ۽ بلائن جي خوف ۽ خطري کان بالا ٿي، اڳتي اُسهندا رهن ٿا. سندن اندر ۾ وڏو همت ۽ حوصلو هوندو آهي.

شاهہ صاحب، سندن مختلف ملڪن جي سفر جو احوال هن طرح بيان ڪري ٿو تہ:

ڪاري ڪيڙائُو، مَٿي مِٺي موٽِيا،
سودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائُو،
موتِي جي مِهراڻَ جا، تَنِ جا طَاماعُو،
سامونڊي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا.
(سُر سامونڊي، داستان ٠٣، بيت ٠٩، ص:٢٠٦)

## سُر سهڻي :

هن سُر ۾ سهڻي ميهار جي رومانوي داستان جو ذڪر ملي ٿو. هيءُ سُر، انوکي عشق ۽ نرالي نينهن جو لازوال داستان آهي، ۽ سهڻي يار جي ديدار لاءِ پاڻ درياءَ جي خوف خطرن ۾ ڪاهي پوي ٿي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مطابق :

”درياء وارن واهڙن واهن جي وهڪري ڪان، نينهن جي تِک نرالي آهي. جيڪي اونهين اجهاڳ عشق وارا آهن، سي محبت ۾ مَست آهن. جن جا پرين پار آهن تن لاءِ وچان دريا وڪ برابر آهي.“(٥)

هن سُر ۾ همت ۽ حوصلي جو گهڻو ئي ذڪر ملي ٿو. ڏنو وڃي تہ، سهڻي عورت آهي ۽ عورت کي سماج اندر مرد جيتري آزادي ۽ خودمختياري حاصل نہ آهي، پر سهڻي انهن پابندين کان مٿانهين آهي. هوءَ پُر عزم ۽ حوصلي مند آهي. تمام گهڻي همت جو مظهر آهي، جيڪا اونداهيءَ رات ۾ درياهہ جي خوفناڪ ڪُنن ۾ ڪَچي گهَڙي تي ترندي ٿي وڃي، ڪيس درياءُ جي خوفناڪ بلائن جي بہ پرواهہ نہ آهي. اهڙي باهمت ۽





دلير عورت جهڙو ڪردار، تاريخ ۾ تمام گهٽ ملندو. شاهہ صاحب هن طرح ٿو فرمائي تہ :

ڪَرَ ڳَلَ ڪوچَ ڪُنَ گهَٽا، جِتِ جَرَ واڳُون جِٺائِين،
پاڻ اُڇلي آبَ ۾، وَهُ سِر وڏائِين،
لَهِرِيُون لَنگهِيائِين، لُطفَ ساڻُ، لَطيفُ چي.
(سُر سهڻي، داستان ٠٢، بيت ٠١، ص:٢٢٦)

سهڻيءَ کي درياهہ جي خوفناڪ دهشت سامهون آهي، پر هوءَ، درياءُ جي دهشت ۾ دَهلجي نہ ٿي. ڪُنن جي ڪڙڪي تي ڪَنبي نہ ٿي. درياهہ جي تِکن لَهرن ۾، لُڙهڻ ، ٻُڏڻ يا غوطا کائڻ جي پرواهہ بہ نہ ٿي ڪري. سندس اٽل ارادن آڏو اهي سڀ خوفناڪ منظر ڪا بہ معنيٰ نٿا رکن. سهڻيءَ جي همت ۽ حوصلي کي جَس آهي، جنهن اِنهن خطرن کي مُنهن ڏنو. شاهہ صاحب جو هن سُر جو داستان ٻيو، اهڙن موضوعن سان ڀريل آهي. شاهہ صاحب مختلف بيتن ۾ چيو آهي جهڙوڪ:

دَهَشَتَ دَمُ درياهہ ۾، جِتِ سَٽاڻا سِيسارَ،
يا
دَهَشَتَ دَمُ دَرياهہ ۾، ڪَڙڪا ڪُنَ ڪَرِينِ،
يا
دَهَشَتَ دَمُ دَرياهہ ۾، جِتِ هَيبَتَ هُلاچو.

سهڻيءَ وٽ عقل، مت يا شرم، نينهن آڏو بي معنيٰ آهن. هوءَ، اهي ڪَم ڪاٽيارين جا ٿي ٻڌائي، جيڪي درياءُ ۾ گهڙڻ کان اڳ، تڙ تڪينديون آهن. جڏهن تہ سُهڻيءَ کي سندس پرينءَ جي سِڪ ۽ ساڻس مُلاقات جي اٽل ارادن آڏو، ندي نگاهہ ۾ ئي نہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

گِهيڙان ڪَري نہ گُهورَ، تَڙُ تَڪَڙِ ڪان نہ لَهي،
جنهن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، پوُرَنِ مَٿي پوُرَ،
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمِنِ ڪِي وَهلُورَ،
جنهن کي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تنهن کي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.
(سُر سهڻي، داستان ٠٣، بيت ٠٢، ص:٢٢٩)

## سُر سسئي آبري:

سسئيءَ آبريءَ جا سمورا داستان، اهنجن، سُورن ۽ ڏک ڏاکڙن جا مظهر آهن، پر انهن کي برداشت ڪرڻ، ڏونگرن جا اڙانگا پنڌ، همت ۽ حوصلي سان طئي ڪرڻ جهڙا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مضمون شامل آهن. هن سُر جي پهرئين داستان جي پهرئين بيت ۾ ئي همت ۽ حوصلي سان پڪي ۽ پُختي ارادي کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ جو پڪو پهہ ملي ٿو.

اَوَلِ آخَرِ آهِہ هَلَڻُ منهنجو هوتَ ڏي،
پورِهيو سَندو پورِهيتَين، والِي ڪِيمَ وِڃاءِ،
سو مون ٿورو لاءِ، جيئن جيئري مِلان جَتَ کي.
(سُر سسئي آبري، داستان ۰۱، بيت ۰۱، ص: ۲۸۳)

شاهہ صاحب، سسئيءَ واتان صلاح ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن هوت سان ملڻ جي سچي سڪ رکين ٿي. يعني پنهنجي مُراد ماڻڻ چاهين ٿي تہ پوءِ تو کي هڪ هنڌ ويهي نہ رهڻ گُهرجي، ۽ ان کي پائڻ لاءِ هر وس هلائڻ گهرجي، چاڪاڻ جو حيلو وسيلو هلائڻ سان يعني مسلسل محنت ڪرڻ سان ئي مُراد ماڻي سگهجي ٿي:

وِيهُ مَ، مُنڌَا! پَنيورَ ۾، ڪرِ ڪو واڪو وَسُ،
ٻانِهي ٻاروچَنِ جِي، گولِي! چَڏِ مَ گَسُ،
ڏورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پُوندءِ هوت پُنهونءَ جو.
(سُر سسئي آبري، داستان ۰۱، بيت ۱۵، ص:۲۸۶)

جهڙيءَ طرح مايوسيءَ کي گناهہ سڏيو ويو آهي، اهڙي طرح شاهہ صاحب نااُميد ٿي ويهڻ جي صلاح نہ ٿو ڏئي. وري بہ هُو چئي ٿو تہ الله ۾ اُميد رکي، پنهنجي جُستجو کي خلوص ۽ جذبي سان جاري رکجي. ائين ڪرڻ سان نيٺ ماڻهو پنهنجي مَن جي مُراد پائي ٿو:

نااُميديءَ نِجُهري، پيهِي پَسُ اَللهُ،
چِٽو رَبانِي راهُ، مُرادُن مَخِفِي ڪيو.
(سُر سسئي آبري، داستان ۱، بيت ۱۷، ص:۲۸۷)

سسئي، پنيور ۾ ويهي نہ ٿي رهي. الله ۾ اُميد رکي پنهونءَ جي پٺيان، سندس ڳولا ۽ ميلاپ لاءِ نڪري ٿي پئي. هوءَ هر اهنج کي مُنهن ڏئي ٿي. همت ۽ حوصلي سان اڳتي وڌندي رهي ٿي. جنهن لاءِ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ :

وِڙِيمَ سَڀِ وَٽاڻَ، يار ڪارَڻِ جَتَ جي.

شاهہ صاحب، غفلت کان پاسو ڪرڻ جو ٿو ٻڌائي، ۽ غفلت جا نتيجا بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ غفلت جي ننڊ ئي پنهنجي پرين کي وڃايو هو. فرمائي ٿو تہ:

غَفَلَت يارُ گنوايو، ٻَڙي جيڏِيُون!
(داستان ۰۳، وائي، ص:۲۹۷)





## سُر ڪوهياري :

هن سُر ۾، سسئيءَ جو ڏونگر ڏورڻ جو ذڪر ملي ٿو. هن سُر ۾، سستيءَ واري ننڊ ۾ سمهڻ جي سسئيءَ تي ميار جو ذڪر ڪيل آهي تہ، غفلت جي ننڊ ۾ سمهڻ سان، انسان پنهنجا هوش وڃائي ٿو ويهي. سستيءَ جي ڪري شرمندگي ۽ ناڪامي کان سواءِ ڪجهہ بہ پلئہ ڪو نہ ٿو پوي. شاهہ صاحب هن سُر ۾ سستي ۽ ڪاهليءَ کي ڇڏي، سجاڳي اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهہ صاحب سستي جي ننڊ ڪرڻ وارن کي تنبيهہ ڪئي آهي.

غافِلِ! غَفِلَتَ ڇوڙِ، تُون ڪيئن اَٽاسِي اوجَهرين؟
ڇُپاتان چَڙهِي ويا، وڃي پَهُتا توڙِ،
نيٽين نِندَ اُکوڙِ، جِمَ وَرَن ۾ واڪا ڪَرين.
(سُر ڪوهياري، داستان ۱، بيت ۰۵، ص:۳۱۳)

شاهہ صاحب، سسئيءَ کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ، اي سسئي، جڏهن اکين کي اوجاڳو نہ ڏنوئي، سوير ئي سستيءَ جي ننڊ ۾ سُمهي پيئين، خطا تہ تنهنجي، پنهنجي آهي. هن ۾ ڪيچ وارن يعني سسئيءَ جي ڏيرن مٿان، پنهنجي غلطي نہ مڙهہ، انسان کي بہ سسئي جي هن غفلت واري ننڊ مان سبق سکڻ گهرجي.

سُتِينءَ سنجهي ئي، منهن ويڙهي مُئِنِ جيئن،
اوجاڳو اَکِيَن کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئي،
هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڪَچو ڪيچِيَن کي ڪَرين!
(سُر ڪوهياري، داستان ۱، بيت ۱۲، ص:۳۱۴)

## سُر حسيني :

هن سُر جي متعلق ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ آهي تہ: ”سسئي کي صلاح تہ ٻيا آسانگا پلي، لاڳاپا لاهي، ساٿ واري واٽ وٺي تڪڙو هلي تہ، جئن پنهنجي پنهونءَ کي وڃي پهچي. سسئي کي تاڪيد تہ ساٿ کي پهچڻ لاءِ وِکَ وڌاءِ ۽ همت سان هل، جو سج لڙي ويو آهي، ۽ لهڻ وارو ٿو ٿئي. متان رات جي اونداهيءَ ۾ ساٿ واري واٽ وڃائي ويهين.“(٦)

وينِي مُون وِيو، لَڙِي سِجُ لَڪَنِ تان،
آئون ڏورِيندي ڪيتَرو پَهَٽِنِ پيرُ پيو،
سُورَنِ ساڻُ سِهو، اَڃي تِيُمِ جيڏِيُون.
(سُر حسيني، داستان ۱، بيت ۰۷، ص:۴۳۷)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه صاحب تتل ڏينهن ۾ به پنڌ کي جاري رکڻ جو ڏَسُ ڏنو ڏئي، ۽ رات ۾ به منزل ڏانهن وڌڻ جو ڏس ڏنو ڏئي. اهڙيءَ طرح هو مسلسل محنت سان اڳتي وڌڻ جو چوي ٿو، جيڪڏهن همت ۽ حوصلو هوندو ته، تتل ڏينهن ۽ اونداهي رات ۾ به، منزل تي پهچڻ لاءِ پنڌ جاري هوندو.

جيئن جيئن تَپي ڏينهن، تيئن تيئن تاڙِيان پَنڌَ ۾،
ڪو آڳانجهو نينهن، ٻانيَڙِ ٻَروچَنِ سين.
(سُر حسيني، داستان٢، بيت ١٤، ص: ٣٤١)

جيئن جيئن ڀِڄي راتِ، تيئن تيئن تاڙي پَنڌَ ۾،
پورِيءَ ٻِي نَہ تَاتِ، جيڪا سا جَتَنِ جي.
(سُر حسيني، داستان ٠٢، بيت ١٥، ص: ٣٤١)

سياڻن جو چوڻ آهي ته، ڳولهڻ سان ته الله به ملي ٿو وڃي. ضرورت صرف صدق دل ۽ خلوصِ نيت سان ڳولهڻ جي آهي. اهڙيءَ ريت انسان کي به مسلسل همت سان پنڌ طئي ڪرڻ گهرجي ته جيئن منزل ماڻي سگهي. هڪ هنڌ ويهي رهڻ سان منزل ڪو نه ملي سگهندي. هوريان ڏاڍيان همت سان پنڌ کي جاري رکڻو آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

پُڄَنِ سي پَسَنِ، جَڏهن تَڏهن پرينءَ کي،
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اگَڻَ عَجِيبَنِ جا.
(سُر حسيني، داستان ٠٧، بيت ١، ص: ٣٦٠)

## سُر لِيلا چنيسر:

هن سُر ۾، زال ۽ مڙس جي رشتي جي پيار ۽ اعتبار واري ماحول ۾ مُڙس جو وڙائتو هئڻ ، زال جو هرحال ۾ مڙس جي اعتماد تي پورو ثابت ٿيڻ واري فڪر جو ذڪر ملي ٿو. لِيلا هار تي هرڪجي پنهنجي مڙس جو اعتماد وڃائي ٿي ويهي. جنهن تي چنيسر، لِيلا کان مُنهن موڙي ٿو ڇڏي. لِيلا کي پنهنجي خطا جو احساس ٿو ٿئي ۽ اعتماد بحال ڪرڻ جي لاءِ جَتن ٿي ڪري. هن صورتحال ۾ به شاهه صاحب ليلا کي پنهنجي پرينءَ کي پرچائڻ لاءِ همت کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو.

جِي لِيلائي نَہ لَهين ، تَہ پُڻِ لِيلائيجِ،
آسَرَ مَ لاهيجِ، سَڄَڻُ ٻاجهيندَڙُ گهڻُو.
(سُر لِيلان چنيسر، داستان ٠٢، بيت ٢١، ص : ٥٠٦)





## سُر ڪاهوڙي :

هن سُر ۾، جفاڪش ۽ سخت پورهيو ڪندڙ ڪردارن جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي سخت ڪشالا ڪڍي، جبل جهنگ ووڙي، وڏيءَ همت ۽ حوصلي سان ڏُٽ ڳڌ ڪن ٿا.

”’ڪاهوڙي‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’ڪاهي‘ يا ’کهي وارو‘ ’ڪاهو‘، يا گهو، ڊگهي ڳن سان رنبي مثل سوڙهي ڦر واري ڄڻ هڪ ڪوڏر آهي جنهن سان ڪَنڊن ڪانڊيرن وارو ڏکيو جهنگ وڍجي... ڪاهوڙي، اهو پورهيت آهي، جيڪو ’ڪاهو‘ يا ’کهو‘ کڻي ۽ هٿي اورچ تي لڳي، ۽ ڪنڊن وارو ڏکيو جهنگ وڍي صاف ڪري.“(٧)

هن سُر ۾ ڪاهوڙين جي ڪشالن، سخت پورهيتن کي همت سان ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو. ڪاهوڙي، سخت محنت ڪندي ڏينهن رات گذارين ٿا ۽ اهي ڪڏهن به سُک جي ننڊ ڪو نه سُتا آهن، ڇاڪاڻ ته کين پنڌ جو اوسيئڙو هوندو آهي. تنهن ڪري آرام ڪو نه ڪن.

مُون ڪاهوڙِي لَکِيا، سُمهَنِ ڪِينَ پَئِي،
سَمَرُ ڪِيائُون سُڄَ ۾، ڏوري ڏُٺُ لَهِي،
وِيا اُت وَهِي، جِت نِهايَتَ ناهِ ڪا.
(سُر ڪاهوڙي، داستان ٠١، بيت ٢٠، ص: ٥٥٠)

ساڳئي موضوع وارو شاهه صاحب جو هڪ ٻيو بيت هن طرح آهي ته :

ڪَرڪَٽا لاهي، سُکُ نہ سُتا ڪَڏهِينِ،
اوسِيئڙو آهي، ڪاهوڙِيَنِ کي پَنڌَ جو.
(سُر ڪاهوڙي، داستان ٠١، بيت ٢٥، ص: ٥٥١)

## سُر رامڪلي :

هن سُر ۾، سالڪن ۽ سندن منزلِ مقصود تي پهچڻ واري پنڌ جو ذڪر ملي ٿو. هن سُر ۾ جوڳي، سنياسي، سامي، آديسي ۽ ڪاپڙيءَ جي نالن مان تمثيلي مدد ورتي وئي آهي. هن سُر ۾، سچن فقيرن جا اهڃاڻ ملن ٿا، سندن زندگي همت، حوصلي ۽ محنت واري آهي.

جوڳي سدائين سفر ۾ هوندا آهن. جتي رات ٿيندي اتي ٽڪي پوندا آهن، ۽ صبح جو ساڳئي سفر واري جستجو ڪن ۽ سفر تي نڪريو پون. روزاني پيرين پنڌ سفر ڪندي ٿڪجن نه ٿا. هميشہ راهَ جا راهي رهن ٿا. شاهه صاحب به اهڙن باهمت ماڻهن جو ذڪر ڪري ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سَدائِين سَفَرَ ۾، رَمَنِ مَٿي راهَ،
پُرَنِ پُورَبَ پَنڌُ ڏي، مَنجِهه مَوالِي ماهَ،
جَنِ جِي اَلَکَ سين آگاهَ، هلو تہ تَکِيا پَسُون تَن جا.
(سُر رامڪلي، داستان ۰۳، بيت ۰۳، ص: ۶۹۰)

جوڳي، پنهنجو ثمر پاڻ سان گڏ گودڙين ۾ رکن ٿا، ڇاڪاڻ تہ سندن ڪو دائمي مسڪن ڪو نہ آهي، ڪڏهن ڪٿي رهن تہ ڪڏهن ڪٿي. تنهن ڪري زندگيءَ جون گهربل ضروري شيون پاڻ سان گڏ گودڙين ۾ رکن. جوڳي ٽيڻ سان دنيا سان سڀ لڳ لاڳاپا ۽ رشتا قربان ڪرڻا ٿا پون ۽ اهي دنيا جي طمعن ۽ لالچن کان پري هوندا آهن. سندن زندگيءَ جو مقصد ئي سفر ڪرڻ لڳي ٿو. سندن من اجرو آهي. اهي مسافري جي ميدان جا شهسوار آهن.

جي ڀانيين جوڳِي ٿِيان، تہ سَگَ سِپيئِي ٽوڙِ،
جي ڄاوا نہ ڄاپندا، جِيّ تَنِين سين جوڙِ،
تہ تُون پَهُچِين توڙِ، مَحَبّتَ جي مَيدانَ ۾.
(سُر رامڪلي، داستان ۴، بيت ۰۲، ص: ۶۹۳)

## سُر ڪاپائتي :

هن سُر ۾، سٽ ڪتڻ وارين پورهيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن سر ۾ بيان ڪيل پورهئي جهڙو عملي نمونو تہ هن دور ۾ ڪو نہ ٿو ملي، پر پورهئي ۽ محنت جي ضرورت ۽ عظمت ضرور موجود آهي. پورهيت، پنهنجي پيشي جي مهارت تي هوڏ يا هٺ نہ ٿو ڪري. وقت کي هٿان ناهي وڃائڻو، پنهنجو پاڻ کي محنت ۾ مشغول رکڻو آهي، محنت سان سنهو ۽ سيبتو سُٽ ڪتڻو آهي. جيڪي پورهئي سان پيار ڪن ٿا، تن کي سدائين سُک جون گهڙيون پلئہ پونديون آهن. جيڪي خلوص نيت ۽ سچي جذبي سان محنت ڪن ٿا، تن جي محنت رنگ لائي ٿي ۽ اگهامجي ٿي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪو جو وَهُ ڪاپاتِيين، ڪَنبَنِ ۽ ڪِتَنِ،
ڪارَڻَ سُودَ سَوارِيُون، آتَڻَ مَنجِهه اَچِنِ،
اُنِ جي سُونهَن سَيّدُ چي، صَرافَ ئي سِڪَنِ،
اَگِهيا سُٽَ سَندِنِ، پائي تارازِيءَ نہ توريا.
(سُر ڪاپائتي، بيت ۱۸، ص: ۸۳۲)

جيڪي محبت سان، سچيءَ نيت سان ۽ دل جي لڳن سان پورهيو ڪن ٿا، تن





جو پورهيو اڻتوريو اگهامجي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ پورهيتن جو مظهر سندن ٺهيل شيءِ پاڻ هوندي آهي، جنهن جي چمڪ اندر پورهيت جي محنت لڪل هوندي آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ :

مَحَبّتَ پائي مَنَ ۾، رَنديا روڙِيا جَنِ،
تَنِ جو صَرافَنِ، اَڻَ توريو ئِي اَگهائِيو.
(سُر ڪاپائتي، بيت ۱۷، ص: ۸۳۲)

## سُر پورب :

هن سُر ۾، سلوڪ جا سبق سمايل آهن. هن سُر ۾، هندو فقيرن جي تمثيل سان پوربي، ڪاپڙي، سامي، سنياسي، جوڳي ۽ آديسيءَ جي نالن سان ڪين ياد ڪيو ويو آهي. هنن جي منزل، ’ناٿ‘ يا ’هنگلاج‘ آهي، جتي پهچڻ لاءِ پيرين پنڌ ڪن ٿا. اَبدي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ سالڪ فقير ڪشالا ڪين ٿا. هن سُر ۾ بہ محنت ۽ همت جو ذڪر ملي ٿو. انهن مسافرن کي منزل تي پهچڻ لاءِ پنهنجا گهر گهاٽ وسري وڃن ٿا، ۽ هو سدائين راهہ ۾ روان دوان هوندا آهن. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

مَٿي راهہ رَوان ٿِيا، پُورَبِ پُورِيائُون،
هِي گَهرَ گهورِيائُون، اَڳانديائُون اَڳِيان.
(سُر پورب، داستان ۲، بيت ۰۸، ص: ۸۴۵)

## سُر ڪارايل :

هن سُر ۾، پکين جو ذڪر ملي ٿو. هنج پکيءَ جي خوبين ۽ صنفن کي گهڻو ڳايو ويو آهي. هن سر ۾، پکين کان سندن خصلتن جي تمام سهڻي تمثيل ورتي وئي آهي. هن سُر ۾ بہ همت ۽ محنت جو ذڪر ملي ٿو. هنج جي خوراک ماڻڪ ۽ موتي آهن، ۽ ان خوراک جي جستجو ۾ مسلسل همت ۽ محنت کان ڪم وٺن ٿا.

ماڻِڪَ چُوڻو جَنِ جو، هَنجَ حُضُورِي سي،
ڇِلُرَ ۾ ڇُهنبَ هَڻِي، مَڇِي ڪِينِ نہ اي،
لوڪَ نہ لَکِيا تي، جيلانهَن پوڻَنِ ٻَگهِنِ گڏِيا.
(سُر ڪارايل، داستان ۱، بيت ۲۶، ص: ۸۵۳)

## سُر پرڀاتي:

”هيءُ موروثي منگتن ۽ مڱڻهارن جو، سخي سردارن کي ڳائڻ ، ساراهڻ ۽ ڪانئن ڏان وٺڻ واريءَ رسم ۽ روايت جو يادگار آهي، پر هن سر جو خاص موضوع لس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻيلي جي والي ’سبز چام‘ جي سخا آهي.“[۸]

هن سُر ۾، غفلت ۽ سستيءَ کي ڇڏي، همت ۽ محنت سان اڳتي وڌڻ جي ڳالهه ڪيل آهي جهڙوڪ:

سُتو ڪِيئَن ننڊُون ڪَرِين، رو وِهاڻيءَ، رِوءِ،
سُيان ساز سندوءِ، پِيو هوندو پَٽَ ۾.
(سُر پرڀاتي، داستان ١، بيت ٠٢، ص: ٨٥٨)

جَنِين سُکُ ناهِ ڪو، چارَڻَ سي ڇَڄِجَنِ،
رُڄُنِ راهَ پُڇَنِ، مَٿي ڪُلهنِ ڪِينَرا.
(سُر پرڀاتي، داستان ١، بيت ٠٤، ص: ٨٥٨)

## سُر ڏهر :

هن سُر جا موضوع مختلف آهن. جنهن ۾ الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا، رسول ﷺ کي حامي ٿيڻ لاءِ التجائون شامل آهن. ان کان علاوه، سسئيءَ جي پريشان حال کي به هن سُر ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ڪونج پکين جي ٻڌيءَ ۽ محبت جا مضمون به ملن ٿا. هن سُر ۾ همت ۽ محنت جا مذڪور به ڏنا ويا آهن، جنهن ۾ سمهڻ کي ڇڏي، هٿ پير هڻڻ جهڙا سبق شامل آهن. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

سُتي نه سَرَنديا‌ءِ، ڪَرِ پَچارَ پِريَنِ جِي،
وِهامِي وِينديا‌ءِ، گَهڻا هَٽنديِن هَتَڙا.
(سُر ڏهر، داستان ٣، بيت ١١، ص: ٨٧٩)

شاهه صاحب وقت جو قدر ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو. هن وٽ وقت جي وڏي اهميت آهي. جيڪڏهن وقت سر ماڻهو همت ۽ حوصلي سان محنت نٿو ڪري ته وقت گذرڻ کان پوءِ ڪيس سواءِ پريشان حال ٿيڻ جي ۽ پڇتائڻ جي ٻيو ڪجهه به پلئه ڪونه ٿو پئي.

پِرِهَ ڦُٽِي، راتِ گَئي، جِهيڻا ٿيا نَکَٽَ،
هاري! وِيَئِي وَٽَ، گَهڻا هَٽنديِنءَ هَتَڙا.
(سُر ڏهر، داستان ٣، بيت ١٥، ص: ٨٧٩)

انسان، رزق ۽ روزيءَ سانگي، هڪ شهر کان ٻئي شهر ۽ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ جو سفر اختيار ڪري ٿو. اها روزي ۽ رزق محنت ڪرڻ کان سواءِ نه ٿي ملي. انهيءَ راهه ۾ اهنج ئي اهنج آهن، ۽ ڪٿي ڪٿي ته ڪونج پکيءَ وانگر شڪاريءَ جو شڪار به ٿيڻو پوي ٿو. پر انسان کي اهڙن شڪارين کان خبردار ٿي هلڻو آهي. محنت ۽





همت سان اڳتي وڪ وڌائڻي آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته :

قِسِمَتَ آندِيُون ڪونجَڙِيُون، وَطَنُ سَندُنِ روهُ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهُ، رِزقُ رازِقَ هَٿَ ۾.
(سُر ڏهر، داستان ٤، بيت ٠٧، ص: ٨٨٢)

پورهيتن مان اوڏ جو پورهيو، وڏيءَ محنت ۽ مشقت وارو آهي. هن ۾ وڏيءَ محنت سان مٽيءَ سان مهاڏو اٽڪائڻو پوي ٿو. اوڏ اهو پورهيت آهي، جيڪو سدائين ٻين جا گهر ٺاهڻ ۾ پنهنجي زندگي گذاري ٿو ڇڏي پر پنهنجو گهر ڪڏهن به ڪونه ٿو ٺاهي سگهي. اوڏن کي سنڌي ٻولي ۾ تمام سهڻي محاوري سان ياد ڪيو ويو آهي ٿو : اوڏ مِٽيءَ جا ڪوڏ.

شاهه صاحب اوڏ جو ذڪر ڪندي بيان ٿا ڪن ته :

ڇِنَلَ ڇَڄَ هَٿَنِ ۾، ڪُلَهنِ ڪوڏارا،
پورهِئي خاطِرِ پانهنجي، اُٿَنِ سَوارا،
اوڏَ بِه ويچارا، لاڪا! وَڃَنِ لَڏِيو.
(سُر ڏهر، داستان ٤، بيت ٥١، ص: ٨٩٠)

## حوالا

١. لطيفي پٺو، سليم، ’شاهه جي سُرن جو سچ‘، ڀٽائي لٽريري ايجوڪيشنل سوشل ويلفيئر سوسائٽي، ١٩٩٣ع، ص:٤٧.
٢. لطيفي، پٺو، سليم، ’قدر ان ڪيميا جو‘، گلڙا پبليڪيشن ميمڻ پاڙو، ٽنڊو ڄام، ضلع حيدرآباد، ٢٠٠٤ع، ص: ١٩.
٣. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون‘، مرتب: مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٢ع، ص:٣٦٨.
٤. ساڳيو، ص: ٣٧٣.
٥. ساڳيو، ص: ٤٩١.
٦. ساڳيو، ص: ٤١٨.
٧. ساڳيو، ص: ٣٧٩.
٨. ساڳيو، ص: ٣٩٠.

نوٽ : هن مقالي لاءِ غلام محمد شاهواڻي جي ترتيب ڏنل ’شاهه جو رسالو‘ مان مدد ورتي وئي آهي.

* شاهواڻي، غلام محمد، مرتب: ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٥ع.